SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1995

SINDH ACT NO.III OF 1995

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1995

THE SINDH FINANCE ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1958

4. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

5. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

6. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

7. 1977 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act VII of 1977

8. 1994 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XIII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XIII of 1994

9. رسمي پارٽين، فنڪشنز وغيره تي ٽيڪس

Tax on ceremonial parties, functions, etc

10. قاعدا

Rules

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1995

SINDH ACT NO.III OF 1995

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1995

THE SINDH FINANCE ACT, 1995

[16 آگسٽ 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ ڪجهه ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز ڪي معقول بڻايو، لڳايو ۽ وڌايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ ڪجهه ٽيڪس ۽ ڊيوٽيز ڪي معقول بڻائڻ، لڳائڻ ۽ وڌائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1995 کان لاڳو هوندو.

وصفون

Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1958

3. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، شيڊول I ۾:

(a) آرٽيڪل 6 کانپوءِ، نئون آرٽيڪل شامل ڪيو ويندو:

"6_A. ڊولپر يا بلڊر طرفان جاري ڪيل پلاٽن ۽ فليٽن جي سلسلي ۾ الاٽمينٽ آرڊر:

(i)400 چورس گز ۽ ان کان مٿي پلاٽن جي صورت ۾	پلاٽ جي قيمت جي ٻہ سيڪڙو برابر
(ii)1500 چورس فٽ کان وڌيڪ ڊيڪيل ايراضي رکندڙ فليٽن جي صورت ۾	فليٽ جي قيمت جي هڪ سيڪڙو برابر

وضاحت: اظهارن "ڊولپر" ۽ "بلڊر" کي ساڳي معنيٰ هوندي، جيڪا انهن کي سنڌ بلڊنگس ڪنٽرول آرڊيننس، 1979 ۾ ڏني وئي آهي.

(b) آرٽيڪل 14، ڪالم 2 ۾، لفظن "هڪ سئو رپيا" لاءِ لفظن "ڏهہ رپيا هر هڪ لک رپين لاءِ يا ان جي ڪنهن حصي تي بل جي اڳهہ موجب گهٽ ۾ گهٽ هڪ سئو رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(c) آرٽيڪل 20، ڪالم 2 ۾، لفظن "ڏهہ رپيا" لاءِ لفظن "هڪ سئو رپيا هر هڪ لک رپين تي يا ان جي ڪنهن حصي تي چارٽر پارٽي جي اڳهہ موجب" کي متبادل بڻايو ويندو.

(d) آرٽيڪل 20 کانپوءِ، هيٺين نئين آرٽيڪل کي شامل ڪيو ويندو:

"21. چيڪ، پي آرڊر يا بئنڪ ڊرافٽ پنجاهہ پئسا".

(e) آرٽيڪل 37 ۾، شق (c) جي داخلا سامهون، ڪالم 2 ۾، لفظن "پنجاهہ رپيا" لاءِ لفظن "هڪ سئو رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(f) آرٽيڪل 63_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"63_A. ليز کان اڳ پلاٽ جي الاٽمينٽ آرڊر جي منتقلي_

(a) رهائشي پلاٽن جي صورت ۾:

(i)200 چورس گز کان وڌيڪ پر 240 چورس گز کان وڌيڪ نہ هجي	چار رپيا في چورس گز
(ii)240 چورس گز کان وڌيڪ پر 400 چورس گز کان وڌيڪ نہ هجي	پنج رپيا في چورس گز
(iii)400 چورس گز کان وڌيڪ	ڏهہ رپيا في چورس گز
(b)صنعتي پلاٽن جي صورت ۾	پنجويهہ رپيا في چورس گز

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act V of 1958

4.سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾، دفعہ 7_B کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ کي شامل ڪيو ويندو:

(اضافي سرچارج) "7_C. اهڙي ٽيڪس تي پنجويهہ سيڪڙو جي اگهہ تي هڪ اضافي سرچارج لڳائي ۽ جمع ڪئي ويندي:

بشرطيڪ ڇهہ سئو چورس گز کان گهٽ پلاٽ تي عمارت ۽ رهائشي مقصدن لاءِ ٻہ هزار چورس فٽ ڊيڪيل ايراضي رکندڙ فليٽ تي اضافي اوڳاڙي نہ ڪئي ويندي."

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم

Amendment of West Pakistan

5. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾، شيڊول ۾، جريان نمبر 6(i) ۽ (ii) ۾ داخلائن ۾، انگن "100" ۽ "200" لاءِ انگن "200" ۽ "300" کي ترتيبوار متبادل بڻايو ويندو.

Act XXXII of 1958

1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXIV of 1964

6.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾.

(i)پنجين شيڊول ۾، جريان نمبر 2 لاءِ ۽ ان جي هيٺان داخلائن لاءِ هن ريت متبادل بڻايو ويندو:

"2".گهرو آفيس يا ڪمرشل صنعتي ڪم	توانائي جي في يونٽ تي هڪ پئسو توانائي جي في يونٽ تي هڪ پئسو توانائي جي هڪ يونٽ تي ڏيڍ پئسو
ٽيوب ويلس ۽ آبپاشي ۽ زرعي مشينري	توانائي جي في يونٽ تي هڪ پئسو."

(ii) ستين شيڊول ۾، جريان نمبر 2 ۾، ان جي داخلائن کانپوءِ، هيٺين وضاحت شامل ڪئي ويندي:

"وضاحت: پرڏيهي بئنڪن جي صورت ۾ ادا ڪيل شيئر ڪيپيٽل گهٽ ۾ گهٽ ادا ڪيل ڪيپيٽل هوندو، جيئن اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان مقرر ڪيو ويو هجي."

1977 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act VII of 1977

7.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1977 جي دفعه 8 ۾:

"(i) ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) هوٽلن تي ماليت جي بنياد تي هڪ ٽيڪس لڳائي ويندي جنهن کي هوٽل ٽيڪس سڏيو ويندو، جيڪا رهندڙ في ماڻهو تي في ڏهاڙي ڪمري جي ڀاڙي جي سادا ست سيڪڙو برابر هوندي،

(a)هوٽل جي صورت ۾	رهائش اختيار ڪندڙ

جيڪو هڪ سئو رپيا اوڳاڙي رهيو هجي پر چار سئو رپين کان وڌيڪ نہ اوڳاڙيندو هجي	ماڻهن جي مڪمل انگ جي ست سيڪڙو برابر
هوٿل جيڪو چار سئو رپين کان وڌيڪ پر ست سئو رپين کان وڌيڪ نہ اوڳاڙيندو هجي	رهائش اختيار ڪندڙ ماڻهن جي مڪمل انگ جي ستر سيڪڙو برابر
هوٿل جيڪو ست سئو رپين کان وڌيڪ پر هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نہ اوڳاڙيندو هجي	رهائش اختيار ڪندڙ ماڻهن جي مڪمل انگ جي اسي سيڪڙو برابر
هوٿل جيڪو هڪ هزار رپين کان وڌيڪ اوڳاڙيندو هجي	رهائش اختيار ڪندڙ ماڻهن جي مڪمل انگ جي پنجاسي سيڪڙو برابر

(ii) ذيلي دفعہ (4) ۾ وضاحت ۾ شق (b) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(c) "ڪمري جو ڀاڙو" جنهن ۾ شامل آهن ايئر ڪنڊيشن، ڪائڻ لائق شيون بشمول اعزازي ناشتو، خدمتون يا ٻيون سهولتون عام طور جيڪي رهائش اختيار ڪندڙ گراهڪ کي فراهم ڪيون ويندڙيون آهن، انهن تي چارجز."

8. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعہ 8 ۾ لفظن "اسي سيڪڙو" لاءِ لفظن "پنجهتر سيڪڙو" کي متبادل بڻايو ويندو.

1994 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XIII جي ترميم Amendment of

West Pakistan Act XIII of 1994

شادي جي پارٽين، فنڪشنز وغيره تي ٽيڪس

Tax on ceremonial parties, functions, etc

قاعدا

Rules

9. سمورين رسمي تقريبن يا گڏجاڻين بشمول شادي هال، لان، ڪميونٽي سينٽر يا هال، ڪلب، جيم خانو يا هوٽل ۾ شادي جي پارٽي، سالگرهه جي خوشي، ساليانو ۽ سلسليوار گڏجاڻين، ڪچهرين ۽ آجياڻن تي ٻه سئو پنجاهه رپيا في پارٽي يا فنڪشن جي حساب سان سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 جي دفعه 7 ۾ ڄاڻايل ماڻهو کان هڪ ٽيڪس لڳائي ۽ اوڳاڙي ويندي.

10.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ ۽ ان کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙا قاعدا ٻين معاملن ۾، هن ايڪٽ تحت ٽيڪسز ۽ ڊيل لڳائڻ ۽ اوڳاڙڻ، جمع ڪرڻ ۽ ان کان ڇوٽ ڏيڻ جو طريقيڪار بيان ڪندا.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي